سليم ڀٽو ”لطيفي“

# مفتي منجهہ ويهار...


## *Abstract*

### Settle Judge in Yourself

*Every man has a conscience that makes him cautious of sin and goodness, but man is so ignorant that he never pays heed to conscience. If he remains cautious to his inner urge and does accordingly, he will be able to understand his intentions, faults responsibilities and matters of future. Those who have self-determination and a firm belief in their faith, decide their penance for their deeds. Such people keep their own punishment for their penitence. Hence their inner vision changes and their wisdom rouses to run their rights and actions to God. Such people run both, the responsibilities to God and to world (Shareeat) on parallel footing.*

*Thus their inner Judge guides them to be good judge of themselves. The "Mysticism" begins from the repenting feeling of not running away from the liabilities of one's own actions. Man's life requires dealing the worldly matters along with the divine.*

*This is the feeling that leads him to MYSTICISIM.*

*From religious point of view, life is led by two ways 1. Shariat, 2. tareequat. One is related to devotion and the other with wits and wisdom. Shariat guides to be particular and punctual in observing fasting, saying prayers five times a day and obeying the decrees of elements of Islam. The other needs the inner purity of mind.*

*Mysticism doesn't have only actual causes, but it also includes political and social causes. The movements rose up due to anarchy, tyranny, injustice helplessness, slavery, deprivation but in contrast to these, mystic movements rose on the pattern of "Non-violence" to help prevail peace, fraternity and amenity on the earth.*

*Mysticism in all religious thoughts, myths and in Islam also preference is given to Mysticism, that is to see God in every*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*living being or nonbeing on this earth. Thus Mysticism gives us the message not to hurt anyone because there is God in every entity.*

**هر** انسان جي اندر هڪ عدالت آهي، ان عدالت ۾ سندس ضمير مفتيءَ يا قاضيءَ جي حيثيت ۾ هميشہ ڪيس خبردار ڪندو رهي ٿو، پر انسان ايڏو تہ جاهل، بي همت آهي جو اندر جي ان عدالت جي فيصلن ۽ فتوائن ڏي ڪن ڪونہ ٿو ڏئي. جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر جي عدالت طرف ڏيان ڏري تہ هو آسانيءَ سان پنهنجي ارادن، دنيا جي حقيقت، ماضيءَ جي ڪوتاهين، حال جي ذميوارين ۽ مستقبل جي مامرن کي سمجهي سگهي ٿو. جيڪي انسان ارادي جا پڪا ۽ ايمان جا سچا آهن اهي پنهنجي اندر جي عدالت جو فيصلو ٻاڏي پاڻ لاءِ سزا طئي ڪندا آهن تہ سندن ذات ۾ کهڙي کوٽ آهي ۽ ان کوٽ کي اوٽ ڏيڻ لاءِ هر وقت جاکوڙ ۾ رهندا آهن. اهڙن انسانن جي پڇتاءُ جو حال اهو هوندو آهي جو مسلسل احساسِ ندامت سبب هنن جي اندروني شخصيت يعني عقل ۽ ظاهري عمل ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي. هي انقلابي تبديلي هنن کي حقوق الله ۽ حقوق العباد جي ذميوارين کي نڀائڻ لاءِ هميشہ اتساهيندي رهندي آهي ۽ اهو تصوف آهي ۽ جيڪو انسان اهي ٻئي ذميواريون متوازن نموني نڀائي ٿو اهو صوفي آهي.

> "مفتي منجهہ ويهار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿيين."
> (سُر يمن ڪلياڻ، داستان 8)

تصوف جي شروعات انهن ذميوارين کي نہ نڀائڻ جي پڇتاءُ واري احساس کان شروع ٿئي ٿي ۽ حقوق الله ۽ حقوق العباد جي جامع ذميواراڻي نظام جي تڪميل ۽ قيام تي پڄي ٿي، جتي هڪ صوفيءَ جي عملي زندگي "هٿ ڪار سان ۽ دل يار سان" يا "جو دم غافل سو دم ڪافر" جو نمونو هوندي آهي. اهائي ڪامياب زندگي آهي، جنهن ۾ الست واري وعدي پاڙڻ جي ذميواريءَ جو احساس ۽ عمل آهي. هن احساس ۽ عمل جو نظريو تصوف آهي ۽ هن نظريي جي تعليم ۽ تربيت صوفين جو ڪلام آهي.

انساني وجود جي واڌ ويجهہ، بقا ۽ باطني ترقيءَ جو دارومدار جسم ۽ روح جي هم آهنگيءَ تي آهي. هر شيءِ جا ٻہ رُخ هوندا آهن: هڪ ظاهري ۽ ٻيو باطني، ظاهر جو تعلق انسان جي ظاهري صورت ۽ رويئي سان آهي ۽ باطن جو تعلق انسان جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اندر سان هوندو آهي. ٻاهر جي روين جو تعين اندر جي حرڪت سان ۽ اندر جي روين جو تعين ٻاهرين ماحول تحت هوندو آهي. مذهبي حوالي سان ٻہ ظاهر ۽ باطن جي هن ورهاست کي مڃيو ويو آهي ۽ مذهب ۾ انهن ٻن رخن کي ٻن اصطلاحن ذريعي بيان ڪيو ويو آهي.

هڪ شريعت ۽ ٻيو طريقت: هڪ جو تعلق عبادت يعني حقوق الله سان آهي ۽ ٻئي جو تعلق معاملن يعني حقوق العباد سان آهي. هڪ جو تعلق عقل سان ٻئي جو تعلق عمل سان. شريعت جو تعلق نماز، روزي ۽ اسلام جي رڪنن جي پابنديءَ سان آهي ۽ طريقت جو تعلق باطن جي پاڪيزگي، سوچ ۽ احساس جي ذريعي داخلي روين جي اصلاح ۽ عمل سان آهي، تنهنڪري جيئن جسم ۽ روح کي الڳ نٿو ڪري سگهجي تيئن شريعت ۽ طريقت کي بہ الڳ نٿو ڪري سگهجي. ڏٺو وڃي تہ تصوف جو تعلق ٻنهين سان آهي، پر پوءِ بہ صوفين جو گهڻو لاڙو طريقت طرف هوندو آهي، يعني اندر اجارڻ سان روين جو سڌارو.

تصوف جي حقيقي ڪارڻن ۾ روحانيت سان گڏ سياسي، سماجي ۽ فڪري ڪارڻ بہ آهن. ملڪ يا معاشري ۾ ملوڪيت، ظلم، ڏاڍ، ناانصافي، محتاجي، غلامي ۽ محروميءَ جي راڪاس جي مد مقابل ميدان ۾ تصوف جون تحريڪون اڀريون آهن، جيڪي اندروني ۽ بيروني حالتن جي سنجيدگيءَ سبب خوف کان شروع ٿي حالتِ عشق ۽ پوءِ عمل ۽ پوءِ مري مٽجڻ، نہ مڙڻ، نہ موٽڻ ۽ نہ جهڪڻ ۽ نہ وڪامڻ جو پرامن ۽ عدم تشدد واري سفر جا سلسلا آهن. جنت جي منزل آجپي، آسودگي، سک، امن، محبت، برابري ۽ سلامتيءَ جي نظام جو قيام ۽ ان جي بقا آهي.

اسلامي حوالي سان بہ الله جي محبت، سڌريل روين ۽ خلق جي خدمت کي بنيادي حيثيت حاصل آهي ۽ تصوف بہ انهن بنيادن تي بيٺل آهي ۽ لطيف سائين بہ اهڙي ئي فڪر جا پرچارڪ آهن ۽ سندن ڪلام جو نچوڙ بہ وحدانيت، خلق جي خدمت، اتحاد، اتفاق، ڀائيچارو، برابري، محبت، انصاف، امن، آجپو ۽ آسودگي آهي ۽ اهو ئي تصوف جو روح آهي.

مجموعي طور تي سڀ صوفي اهو مڃين ٿا تہ تصوف ان جذبي جو نالو آهي، جيڪو هڪ صوفيءَ جي دل ۽ دماغ ۾ الله سان واصل ٿيڻ لاءِ اهڙي شدت سان موجود هوندو آهي جو صوفيءَ جي پوري عقل ۽ جذباتي زندگيءَ تي اثر ڪندو آهي ۽ پوءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفي الله ۾ الله جي رضا کي پنھنجو مقصد ۽ منزل سمجھندو آھي. جڏھن صوفي ڳالھائيندو آھي تہ بہ الله جي باري ۾، خيال ڪندو آھي تہ بہ الله جو، ياد ڪندو آھي تہ الله کي، سوچيندو آھي تہ بہ الله متعلق، صوفي سنسار جي ھر شيءِ ۾ الله جي صفاتي جلوي کي پسندو آھي. فطرت جا سڀ منظر ۽ قدرت جا سڀ لقاءَ بہ ان ھڪ الله جا صفاتي جلوا نظر ايندا آھن.

سو ھيءَ، سو ھُو، سو اجل، سو الله،
سو پرين سو پساھ، سو ويري سو واھرو.
(سُر ڪلياڻ-1)

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانھن ڪريان پرک، تيڏانھن صاحب سامھان.
(سُر ڪلياڻ-1)

ڪوڙين ڪايائون تنھنجون، لکن لک ھزار،
جيءُ سڀڪنھن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پريم تنھنجا پار، ڪھڙا چئي ڪيئن چوئان.
(سُر ڪلياڻ-1)

تان تون پاڻ پرک، سڀڪنھن ڏانھن سامھان.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

سڀڪنھن ڏانھن سامھون، ڪو ھنڌ خالي ناھ.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

ساھڙ، سا سھڻي، سائر پڻ سوئي،
آھي نجوئي، ڳجھ ڳجھاندر ڳالھڙي.
(سُر سھڻي-1)

جر تر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي ھيڪڙي،
(سُر سھڻي-9)

سيت پچار پرينءَ جي، سيت ھوت حضور.
(سُر سھڻي-9)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناھ ڪو.
(سُر مومل راڻو-9)

ڪانهي ٻي تنوار، ٽيو مڙوئي ميندرو.
(سُر مومل راڻو-9)

ڏسڻ ڏسين جي، تہ ھم ڪي حق چئين،
شارڪ شڪ مَر ني، انڌا اِنهيءَ ڳالھ ۾.
(سُر آسا-4)

منهن محراب پرينءَ جو، جامع سڀ جهان،
اڏامي ات ويو، عقل ۽ عرفان،
سيوئي سبحان، ڪاڏي وڃي نيتيان.
(سُر رامڪلي-5)

گل گل پسي گودڙيا، گهٽا مَر پائيج،
سوئي سڃاڻيج، ھي ھو آھي هيڪڙو.
(سُر رامڪلي-9)

آرياڻي آھي، ٻيو، سرتيون! سُڃي ڪينَ ڪي.
(سُر سسئي آبري-5)

جيڏانهن پِرِين وڪ، تيڏانهن صاحب سامهون.
(سُر رامڪلي-9)

هر مذهب ۽ خاص طور اسلام ۾ ٻن بنيادي ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ جو حڪم ڏنل آهي تہ الله جي اطاعت ڪيو ۽ ان جي عيوض توهان کي جنت ملندي ۽ اطاعت نہ ڪرڻ جي عيوض دوزخ ۾ موڪليا ويندا ۽ ٻي ڳالھ اها تہ جيڪڏهن اطاعت کان علاوہ الله سان محبت ڪندؤ تہ الله بہ توهان سان محبت ڪندو ۽ ان محبت جو ڦل اهو ملندو جو توهان جي شخصيت کي الله پنهنجي پنهنجي صفات سان نوازيندو ۽ هن قرب ۽ محبت جو نتيجو اهو نڪرندو جو توهان پنهنجي دل ۾ الله جو ديدار ڪري سگهندا ۽ پوءِ هي دل جو ديدار دنيا جي هر شيءِ تائين پکڙجي وڃي ٿو.

ڏاريا پائنج ڏار، پڇ پريان ڪر پاڻ تون.
(سُر سسئي آبري-3)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وجي ڏُور مَ ڏَورِ، دران منجھ دوست ٿيو.
(سُر سسئي آبري-3)

پر گهران پاسو ڪري، پڇ پريان ڪر پاڻ،
سو تان تونهين ساڻ، جنهن لئي جفائون ڪرين.
(سُر سسئي آبري-10)

سوئي ڪٺيو ساڻ، سوئي ڏوريين سسئي!
ڪڏهن ڪنهين نہ ڪيو، جُلڻ منجهان جاڻ،
پڇ پريان ڪر پاڻ، تہ تون تئائين لهين.
(سُر سسئي آبري-3)

جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئي، لطيف چئي، منجهي ٿيءُ معذور!
منجهان پئي پروڙ، تو منجھ آهس تڪيو.
(سُر سسئي آبري-3)

وجيين جو وڏڪار، هت نہ ڳولين هوت ڪي؟
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿي ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نايو نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.
(سُر سسئي آبري-3)

هل هنئين سين هوت ڏي، ڇپر هڏ مَ چُل،
آرياڻي امل، ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو.
(سُر سسئي آبري-3)

هل هنئين سين هوت ڏي، ڇپر چل مَ تون،
منجهان لڌو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٺي.
(سُر سسئي آبري-3)

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو سينگار،
”مَن عَرَفَ نَفسہُ، فَقَد عَرَفَ رَبّہُ“، اهو ئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سريس هتهين.
(سُر سسئي آبري-5)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيڪر هٿڙ ڇڏ، تہ اوڏي تيين عجيب ڪي،
مَارَايتُ شَيئًا اِلاَ وَرَايتُ اللّه، نيئي اجها اوڏاهين اڏ،
تہ هوت تونهين ڪان هڏ، پرين پاسي نہ ٿئي.
(سُر سسئي آبري-5)

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پهي؟
وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تُبصِرُونَ، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانہ وهي، هوت ڳولڻ هٿ تي.
(سُر سسئي آبري-5)

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پرياڻ؟
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيہِ مِن حَبل الوَرِيد، تنهنجو تونهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن ڪي.
(سُر سسئي آبري-5)

تاڙي جي لاهي، تہ منجهئين مشاهدو ٿئي.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

جي پڇي در فراق، تہ منجهئين مشاهدو ٿئي.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

اطاعت ۽ محبت، جزا ۽ سزا جي تصور سبب مذهبي ماڻهو ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا. جن عقل کي اوليت ڏني انهن رڳو شريعت جي اطاعت يعني حقوق الله کي سيڪجهہ سمجهيو ۽ حصولِ جنت کي پنهنجو مقصد بڻايو، پر جن ماڻهن عشق کي اوليت ڏني انهن اطاعتِ شريعت کان علاوه محبت يعني طريقت ۽ حقوق العباد کي بہ ضروري سمجهيو ۽ ديدارِ يار کي مقصد بڻايو ۽ لطيف سائينءَ هن فرق کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ملهہ مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جو.
(سُر ڪلياڻ-7)

الله جا عاشق صوفي سڏجن ٿا يعني عشق ۽ تصوف ٻئي هڪ آهن. الله سان ملڻ يا ان کي ڳولڻ يا ڏسڻ جو شديد شوق ۽ جستجوَ جو ٻيو نالو تصوف آهي. تصوف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انساني روح جو پنهنجي اصل (الله) سان وصال جو عمل آهي. انسان جو روح حقيقي حسن جو عاشق آهي. روح اهڙي هستيءَ سان محبت ڪرڻ چاهي ٿو جنهن کان وڌيڪ حسين يا سهڻي هستيءَ جو تصور نٿو ٿي سگهي. روح ابديت سان ملي ابديت ماڻڻ چاهي ٿو. صوفين کي اهو يقين هوندو آهي ته روح الله طرفان ئي آيو آهي ۽ جيڪڏهن الله انسان سان محبت ڪري ٿو ته انسان جو روح بہ الله سان محبت ڪري ٿو. هي اهو بنيادي نقطو آهي جتي جي صداقت سالڪ تي مراقبي ۽ مجاهدي دوران چٽي طرح ثابت ٿي ويندي آهي، جنهن تي تصوف جو پورو دارومدار آهي ۽ لطيف سائين هيئن فرمائين ٿا تہ:

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
”فاذڪروني اذڪرڪم“ اي پروڙج بات،
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
فاذڪروني اذڪر ڪم، تن ۾ اها تات،
اِن ڪان ڪا نہ ساعت، سڄڻ ويل نہ وسري.
(سُر يمن ڪلياڻ-7)

عاشقن الله جي، محبت رکي من،
سندي سڪ پرين، تن ۾ آهي تِن جي.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالعُ ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

الله تعاليٰ هر انسان جي اندر پنهنجي محبت جي مچ کي روشن رکيو آهي ۽ ذڪرِ الاهي ان مچ جو ٻارڻ آهي، جي ٻارڻ ختم تہ مچ وسامي ويندو تنهنڪري زندگيءَ ۾ روشنيءَ خاطر ان مچ کي مچائي رکڻو آهي.

تصوف مذهب جو روح آهي. مذهب حقيقت ۾ زنده الله سان زنده تعلق پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. شرعي اصول، مسلڪ، رسم، قائدا ۽ ظاهري عمل يعني شريعت،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هي سڀ هن تعلق جي حصول جا ذريعا آهن ۽ هنن سڀني جو مقصد ذات حق جو وصل آهي تہ صحيح آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص انهن کي ئي مقصد بڻائي ٿو تہ پوءِ هو ڪڏهن بہ پنهنجي حقيقي مقصد يعني ذاتِ حق کي حاصل نہ ڪري سگهندو. تصوف وري سالڪ کي هر وقت اهو احساس ڏياري ٿو تہ نماز پڙهڻ لاءِ ظاهري طرح مصلي جي پاڪائي ۽ قبلي جي درستگيءَ سان گڏ تصور ۽ خيالن جي پاڪائي ۽ دل جو الله طرف هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن نماز دوران دل دنيا طرف آهي تہ اهڙي نماز بي حضوري آهي. ظاهري شرعي معاملا تہ پورا ٿيندا، پر الله سان تعلق پيدا نہ ٿي سگهندو ۽ جيڪڏهن الله سان تعلق پيدا نہ ٿيو تہ نماز جو حقيقي مقصد بہ فوت ٿي ويندو. لطيف سائين فرمائين ٿا تہ:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(سُر آسا-1)

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(سُر آسا-1)

تصوف سالڪ کي هر وقت، هر قدم تي، هر ڳالهہ ۾ سُچيت، سڄاڻ رکڻ جو عمل آهي تہ جيئن الله اکين کان اوجهل نہ ٿئي. هر عمل ۾ قرآن سامهون رهي تہ اها شريعت آهي ۽ الله سامهون رهي تہ اها آهي طريقت، جاهل ۽ اڄاڻ کي مهذب بڻائڻ لاءِ شريعت، عاقل کي عاشق بڻائڻ لاءِ طريقت، ستل کي جاڳائڻ لاءِ شريعت، جاڳيل کي جاڳائڻ لاءِ طريقت، ڇاڪاڻ تہ هڪ دم جي غفلت جي تلافي سالن جي سزا سان بہ نٿي ڪري سگهجي.

لڳن لنؤ، لطيف چئي، سدا جي سوري،
پرت جن پوري، تن رويو وهامي راتڙي.
(سُر يمن ڪلياڻ-1)

ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.
(سُر يمن ڪلياڻ-2)

جو شخص مذهب جو پيروڪار آهي، پر تصوف تي عمل نٿو ڪري ان جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مثال شداد جيئن آهي جو پاڻ جنت جوڙيائين، پر ان ۾ داخل نہ ٿي سگهيو ۽ در تي دم ڏنائين يا ايئن ڪٽي چئجي تہ هڪ شخص سڄي عمر حلوائيءَ وٽ حلوو ٺاهيو، پر هن خود ڪڏهن حلوو نہ چکيو.

محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مٺا.
(سُر آسا-4)

تصوف ذريعي ئي انسان ان الله سان زندهہ تعلق پيدا ڪري سگهي ٿو، جنهنڪي هو پنهنجو معبود ۽ مسجود مڃي ٿو. فقهي چون ٿا تہ الله جو نالو وٺو ۽ صوفي چون ٿا تہ الله جو نالو ضرور وٺو ڇاڪاڻ تہ شرعي حڪم آهي، پر الله جي نالي جو اهڙي طرح ذڪر ڪيو جو هو توهان جي دل ۾ ويهي وڃي ۽ پوءِ انسان جي شخصيت مان الله جي صفات جو اظهار ٿيندو. مطلب تہ صرف زبان سان الله جو نالو وٺڻ ڪافي نہ آهي، پر زبان سان گڏ دل ۾ بہ ان الله جي نالي جي ڌڙڪڻ هجي. ٻِي صورت ۾ اها منافقي آهي جو زبان تي تہ الله جو نالو هجي، پر دل ۾ شيطان هجي.

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.
(سُر آسا-4)
منهن تہ موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوہ نہ ڇڏيين؟
(سُر آسا-4)
منهن تہ موسيٰ جهڙو، سيرت شيطاني،
بازي بيراني، ڪڏي ڪوہ نہ ڇڏيين.
(سُر آسا-4)

تصوف دل جي نگهبانيءَ جو عمل آهي. انسان بظاهر جسم ۽ نفس جو نالو آهي، پرحقيقت ۾ انسان جو حقيقي وجود سندس دل آهي ۽ جيڪڏهن دل مسلمان نہ ٿي سگهي تہ رڪوع، سجدا يا زبان سان الله جو اقرار، سڀ بي معنيٰ آهن.

منهن تہ آهيريان ئي اجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻهران زيب زبان سين، دل ۾ هڇارو،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اِن پر ويچارو، ويجهو ناهه وصال سين.
(سُر آسا-4)

اوريان ئي اوڄُون ڪري، منجهايا ملن،
سي پرينئون پاسي ٿيا، ڳجهه ڳجهه ڳالهيون ڪن،
ساهيان اوڏو سپرين، لوچيو تان نه لهن،
دمر نه سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جيئن.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

تصوف دل ۽ نگاهه کي مومن بڻائي ٿو ۽ يقين ڇاڻو ته تصوف ڪانسواءِ، دل ۽ نگاهه کي مومن بڻائڻ جي ٻي ڪا واهه نه آهي.

صوفي سالم سي ويا، جي اڪثر سين اڏيار،
بازي بازندن کي، آهي اويسار،
پريان سين پهڪار، رنديءَ رساٽي ڪيا.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

جيستائين انسان سالڪن جي صحبت اختيار نٿو ڪري تيستائين انسان جي دل حقيقي معنيٰ ۾ دل نٿي بڻجي سگهي. تصوف جو علم ڪتابن يا ادارن ۾ نه پيدا ٿئي ٿو ۽ نه ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. تصوف جو علم صرف اهلِ معرفت جي نظر ڪرم ۽ پنهنجي عمل سان پيدا ٿيندو آهي. تصوف انساني روح جو ذاتي سفر، قلب جي ذاتي واردات ۽ عقل جو ذاتي عرفان آهي، جو عمل سان حاصل ٿيندو آهي.

تصوف جي تعليم ۽ تربيت ڪارڻ انسان جي دل ۽ دماغ ۾ الله، ڪائنات، انسان، انساني رشتن ۽ مذهب جو هڪ خاص ۽ نئون تصور قائم ٿئي ٿو ته حقيقي وجود صرف الله جو آهي، جو ڪامل ۽ قائم آهي.

اول، الله، عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،

سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.
(سُر ڪلياڻ -1)

ڪائنات الله جي جلوه گاهه آهي. هر شيءِ ۾ اهو ئي الله ظاهر ٿئي ٿو يعني هي پوري ڪائنات الله جي اسماءِ ۽ صفات جو ظهور آهي.

1. کهڙا ڪريان سڏ، ههڙن هيڪاندن کي.
2. جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهان.
3. پريم تنهنجا پار، کهڙا چئي ڪيئن چُئان.
4. سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هند خالي ناهه.
5. سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي ٻيو ٻروچ ري.
6. راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو.
7. ڪانهي ٻي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.
8. سيوئي سبحان، ڪاڏي وڃي نيتيان.

اهو ئي وحدت الوجود آهي ۽ صوفي وحدت الوجود جو قائل هوندو آهي. الله، واحد حقيقي آهي، يعني جهڙي طرح ڪا شيءِ ذات جي حوالي سان، ان سان شريڪ نه آهي تهڙي طرح وجود ۾ به ڪو هن سان شريڪ نه آهي. تصوف جي سڀ کان وڏي خوبي جيڪا هن کي دنيا جي ٻين علمن کان الڳ درجو ڏئي ٿي، اها هيءَ آهي ته تصوف جي نظريئي سبب الله، انسان جو محبوب بڻجي پوي ٿو. جڏهن ڪو انسان الله سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو ته هو تصوف جي دائري ۾ اچي ٿو ۽ ان محبوبيت جي جذبي سبب ۽ وحدت الوجود جي نظريئي جي بنياد تي ڪائنات جي هر شيءِ سان محبت ڪري ٿو. هاڻ جيڪڏهن الله محبوب آهي، هر انسان محبوب آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ محبوب آهي ته پوءِ صوفي محبت ڪندڙ آهي ۽ محبوب کي پائڻ جو طريقو ۽ ذريعو صحبت ۽ عشق آهي، ٻيو ڪو وسيلو نه آهي.

1. "والله بِکُلِ شيءِ محيط" ايءَ آرياڻي اهڃاڻ.
2. منهن محراب پرينءَ جو، جامع سڀ جهان.

مذهب وانگر تصوف به هڪ عالمگير صداقت آهي ۽ تصوف مذهب جو روح آهي. هر صوفي دراصل عاشق هوندو آهي ۽ تصوف جو دارومدار عشق ۽ محبت تي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ئي آهي ۽ صوفي لاءِ الله، هر انسان ۽ ڪائنات جي هر شيءِ محبوب آهي ته پوءِ ترڪِ دنيا جو عمل ڪيئن ٿيندو. عاشق ته محبوب جو ميلاپ چاهيندو آهي، جدائي ڪونه سهندو آهي تنهنڪري سچو صوفي خلق جي خدمت ڪندڙ هوندو آهي، تنهنڪري تصوف ۾ تياڳ جي نه تعليم ۽ تربيت ڏجي ٿي ۽ نه ئي ڏئي سگهجي ٿي . هونئن به صوفين لاءِ هيءَ دنيا آخرت جي انعام، جزا ۽ سزا لاءِ عمل جو ميدان آهي.

1. ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ.
2. ٻاڙيندين ٻوڙها، جت شاهد ٿيندئي سامهان.

تصوف انسان جي زندگيءَ تي پڻ گهرو اثر ڪري ٿو. سچو صوفي سيني عيبن کان پاڪ هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته عشق سيني انساني اوڻاين جو سڌارو ڪندو آهي. انهيءَ ڪري جو تصوف ۾ عمل تي وڏيڪ زور هوندو آهي، پر ايئن چئجي ته تصوف جي تعليم اها آهي ته حقيقي علم ۽ عرفان يا گيان صرف عمل کان پوءِ ئي حاصل ٿي سگهندو آهي، تنهنڪري جو صوفي عمل نٿو ڪري اهو سچو صوفي نه آهي، پر فلسفي يا مفڪر آهي.

تصوف اهڙن بنيادي اوڻاين کي سڌاري ٿو جيڪي الله سان محبت ۽ وصال ۾ رنڊڪ ٿين ٿيون ۽ خلق جي خدمت ۽ محبت کان پري رکن ٿيون. صوفي نه رڳو الله سان محبت ڪندو آهي، پر هن ڪائنات جي هر شيءِ، هر انسان کي الله جو صفاتي ظهور سمجهندي انهن سان به محبت ڪندو آهي. صوفي لاءِ هر شيءِ، هر انسان محبوب آهي ته پوءِ محبوب کان ڏار ڪيئن رهبو، محبوب سان ته قربت هئڻ گهرجي، محبوب جي خدمت ڪجي، محبوب کي خوش رکجي، محبوب جي حفاظت ڪجي، محبوب کي ته سکيو رکجي. محبوب لاءِ ته امن، آسودگي ۽ آجپي وارو ماحول پيدا ڪجي. محبوب جي هر شيءِ جو تحفظ ڪجي، سار سنڀال ۾ تياڳ وٺي عاشق، محبوبن کي نندڙڪو ڪين ٿو ڇڏي سگهي، اها ته عشق جي توهين آهي. پرينءَ جي پار جي ته هر شيءِ پياري هوندي آهي. پرينءَ جي ته پچار به پيار ۽ پاٻوهه کان خالي نه هوندي آهي.

پريان سندي پار جي، مڙوئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

مٺايان مٺو گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سڪوت ئي سلام، پريان سندي پار جو.
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

حبيبن هيڪار، منجها مهر سڌ ڪيو،
سو مون سڀ ڄمار، اورڻ اهو ئي ٿيو.
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

پاٻوهي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين،
الست بربڪم، چيائون جنهن وار،
سندي سور ڪنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

عالم صرف تعليم تي پاڙن ٿا، يعني هو صرف زبان سان پنهنجي شاگردن کي انهيءَ ڳالهہ جو علم ڏئي ٿو تہ الله تعاليٰ تزڪيہ نفس جو حڪم ڏنو آهي، پر هو انهن کي ان جو نہ طريقو ٻڌائي ٿو ۽ نہ ئي عملي طور تزڪيہ نفس ڪري ڏيکاري ٿو. هن وٽ صرف نظرياتي تعليم ۽ ڪتابي علم آهي. صوفي بہ تزڪيہ نفس جي تلقين ڪندو آهي، پر هو صرف تلقين تائين محدود نہ آهي. هو پنهنجي شاگردن جو عملي طور نفس جو تذڪيو ڪري ٿو. عالم ۽ مولوي صرف اهو ٻڌائين ٿا تہ الله آهي ۽ صوفي الله ڏيکاري ٿو. مطلب تہ تصوف دين جو روح آهي. زنده الله سان زندهہ تعلق پيدا ڪرڻ يا پنهنجي اندر جي گهراين ۾ الله جو مشاهدو ڪرڻ ئي تصوف آهي. مطلب تہ تصوف علم ڪان اڳتي عمل جي ترتيب ۽ ترغيب ڏئي ٿو، علم جو تعلق حواسن سان آهي، جيڪو غير مذهب بہ حاصل ڪري سگهي ٿو، پر تصوف جو تعلق عمل سان آهي جيڪو هن جي عملي روين مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ هو خلق جي خدمت ۾ يقين رکي ٿو. علم جي عمل ۾ ظاهر نہ ٿئي تہ بيڪار آهي، جيئن لطيف سائين فرمائين ٿا تہ:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جي ورق وراڻن وترا.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

جيئن جيئن ورق ورائين، تيئن تيئن ڏنو ڏوهہ،
تنهن کهٽي ڪبو ڪوهہ، جي رهٽي رهيو نہ سُپرين.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تصوف جو ٻيو خاص فائدو هي آهي تہ صوفي ڪافر يا مومن، هندو يا مسلمان، اڇو يا ڪارو، مطلب تہ هر شخص سان محبت ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو صوفي غير مذهب سان نفرت ڪري ٿو، ان تي رحم نٿو ڪري، ان سان همدردي نٿو ڪري، ان جي ڏک کي پنهنجو ڏک نٿو سمجهي تہ هو صوفي نہ آهي، پر نفس جو غلام آهي ۽ دنيا کي ڏوکو ٿو ڏئي.

صوفي چيائين، سڌ ڪرين، صوفين ايءَ نہ صلاح،
ڪاتي رک ڪُلاهہ، وجهہ اڇلي آڳ ۾.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)
جي ڪلاهہ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿيءُ،
وهہ وٺي هٿ ڪري، پر پيالو پيءُ،
هنڌ تنين جو هيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.
(سُر يمن ڪلياڻ-5)

تصوف جو ٽيون سبق اهو آهي تہ سڀ انسان الله جا پيدا ڪيل آهن تنهنڪري الله جي آکهہ آهن. جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي، ”الخلق عيال الله“. جيئن تہ هر شيءِ الله جو جلوو آهي، پوري ڪائنات الله جي جلوهہ گاهہ آهي. هر شيءِ ۾ ان جو ظهور آهي، تنهنڪري هر انسان بہ ان ئي ذات جي صفات جو مظهر آهي. جيڪڏهن هندوءَ ۾ ان جو جلوو آهي تہ مسلمان ۾ بہ ان جو جلوو آهي، تنهنڪري صوفي سڀني انسانن کي ذاتِ حقيقي جو مظهر سمجهي سڀ سان برابر محبت ڪندو آهي ۽ مسجد سان گڏ مندر، ڪليسا، گرجا گهر ۽ گوردواري کي بہ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسندو آهي ۽ انهن جي سنگت کي سٺو ڄاڻي ٿو.

راتيان رجهن رام سين، ڏينهان ڪن سنان،
جوڳي سي اَنان، وٺون جن وراهيون.
(سُر رامڪلي-9)
هو جي ٿيا هرڪيس، تن لڳي ڪينَ لباس سين،
وٺن ولهي ويس، لاهوتي لطيف چئي.
(سُر رامڪلي-9)
جا، گُر ڏني گودڙي، سا مون گهڻو سُهاءِ،

نيئي رساڻي ماءِ، اوڏين جي ادب سين.
(سُر رامڪلي-9)

تان ڪي ساڻن اور، جان ڪي آهن اوطاقن ۾،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿائن گهور،
ويا جي هنگلور، تہ ڪرم ملندءِ ڪاپڙي.
(سُر رامڪلي-8)

جوڳي ٿين نہ يار، ڪنهن سين قرابتي،
من ملاقي تن جو، جن پورب جي پچار،
انئي پهر ان جي، آهه ناني ڏانهن نهار.
لائي ويا، لطيف چئي، اندر منجهہ اپار،
سامين ساڻ ستار، لاهوتي لال ٿيا.
(سُر رامڪلي-4)

سامين جي سنيال، منهنجو چت چڱو ڪيو.
(سُر رامڪلي-1)

نانگا ناني هليا، سامي سپيئي،
وهڪ مون ويئي، آئون نہ جيئندي ان ري.
(سُر رامڪلي-1)

واڃٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
(سُر رامڪلي-1)

واڃٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مال،
(سُر رامڪلي-1)

سخن جي سندان، آئون نہ جيئندي ان ري.
(سُر رامڪلي-ا)

تڪيا تاڪيائون، ويا رمندا رام ڏي،
ڪجان خبر نہ لهان، تن آديسين آئون،
ڪنهن ڪُنڊ ڪنيائون، ڪاڏي ويا ڪاپڙي؟
(سُر رامڪلي-3)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفي هن ڳالهه تي يقين رکندا آهن تہ مسجد ۽ مندر، ڪليسا ۽ گرجا جا نالا ماٺهن طرفان الڳ الڳ رکيل هجن پر هر هنڌ ان ذاتِ حق جو نور آهي. نالا مختلف آهن، پر معبود، مسجود، مطلوب، مقصود ۽ محبوب سڀ جو ساڳيو آهي، تنهنڪري صوفيءَ جي دل ۽ دماغ مان تعصب، تنگ نظري، نفرت، ڌڪار، رنگ ۽ نسل جي تميز، عقيدن ۽ مذهبن جا اختلاف، فرقہ پرستي، گروه بندي، ناحق، ناانصافي، ظلم، ڪوڙ، بغض ۽ حسد جهڙا رويا ۽ جذبا بلڪل ختم ٿي وڃن ٿا، تنهنڪري هو ڪنهن کي بہ ڏک نہ ڏيندا آهن. هن ڪان ڪنهن کي رنج نہ رسندو آهي. انسان جي اندر واري ذات جي جذبن، احساسن، ارمانن، امنگن ۽ اميدن جي هڪجهڙائيءَ سبب پنهنجو ٻيو وجود ۽ محبوب جو جلوو سمجهندا آهن.

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون،
مون ۾ آهيين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.
(سُر يمن ڪلياڻ-6)

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پائِسِ ڪير،
منجهان ٿي منجهہ وڙهي، پڌر نہ آهس پير،
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو.
(سُر يمن ڪلياڻ-4)

تصوف انسان کي منفي روين کان پاڪ ڪري، مثبت روين ۽ اخلاق سان سينگاري ٿو. پر ضروري ڳالهہ اها آهي تہ اهڙي تبديلي مُرشد ڪامل جي صحبت کانسواءِ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ هر هنر، ماهر هنرمند جي صحبت ۽ خدمت ۾ رهي ڪري ئي حاصل ڪري يا سکي سگهجي ٿو. ڊکڻ، لوهر، ڪنڀر، خطاطي، سوناري ۽ راڳ جي فن وغيره مان ڪوبہ فن ڪتابن يا تقريرن مان حاصل نٿو ٿي سگهي. اهڙي طرح نفس ڪشي يا تصوف بہ اهڙو عمل آهي جيڪو ڪنهن ڪامل مرشد يا صاحبِ حال صوفيءَ جي صحبت ۽ سکيا کان سواءِ سکي يا پرائي نٿو سگهجي.

قاتل ڪمائي ڪري، وِهہ ماکي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچ کي پيالين.
(سُر يمن ڪلياڻ-3)

انسان جي عقلي، عملي ۽ روحاني زندگيءَ ۾ تصوف جي اهميت متعلق

مشهور مفڪر برٽريند رسل، جيڪو تصوف جي حمايت ڪندڙ هو تنهن چيو آهي تہ، ”دنيا ۾ جيڪي بہ عظيم فلسفي گذريا آهن انهن سيني فلسفي سان گڏ تصوف جي ضرورت جو بہ اعتراف ڪيو آهي. فڪر جي دنيا ۾ سڀ ڪان مٿاهون مقام صوفي سائنس ۽ تصوف جي اتحاد سان حاصل ٿي سگهي ٿو. بهترين انساني خوبين جو اظهار صرف تصوف ذريعي ئي ممڪن آهي.“(1-12، تصوف ۽ منطق)

تصوف جي علم ۽ عمل ۾ انسان جي پنهين جهانن جي نجات لاءِ صالح عمل جي تربيت آهي. احسن ڪان احسن فطرت لاءِ عملي تعليم آهي ۽ صوفي پنهنجي آفاقي ڪلام ۽ عمل سان انسانن جي عملي رهبري ۽ رهنمائيءَ سان گڏ شعوري ڄاڻ ڏيندي ڪارِ نبوت سرانجام ڏين ٿا.

## مددي ڪتاب


1. چشتي، يوسف سليم، پروفيسر، ”تاريخ تصوف“، دارالڪتاب، اردو بازار لاهور.
2. سيد، جي. ايم، ”پيغام لطيف“، جي ايم سيد اڪيڊمي.
3. ڏيرو، رسول بخش، ”شرح لطيف“، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، 1976ع.


نوٽ: سڀ بيت غلام محمد شاهواڻي جي مرتب ڪيل شاھ جي رسالي تان ورتل آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair